خادم حسين ٽالپر
ڊاڪٽر مهر خادم

# لوليءَ جي تاريخي اهميت

***Abstract:***

## The Historical Importance of Loli

*The literature that translates feelings and emotions of the human being is called folk literature. Folk is a Sanskrit word and meaning in sindhi language is "people", but here it has a broader meaning. The literature is called folk litreture in English and then volk in German. To add to this literature, the common people of every nation follow the words of their own language like the pearls of death, which belong to the countryside. Their way of life is one of the simplest in the society. These giddy people speak simple words and simple words, but they are so full of wit that when folk-tales tell their stories in their own words, in the form of twins, folk literature grows. Those people who choose the word say the words, they attach themselves to the ones who are left stunned. These villagers spend the whole day in the fields gathering, asking for shelter and livestock, but when in the evening or at night they sit in their dormitories to talk to their souls while they are living. There are good nights looking for guests to cheer on, which is not to say that the heart is there to stay. Folk literature is not found in books, but it is found in the hearts of the nation's savvy people. Folk literature has two kinds. Lok prose and lok poetry. Loli is one of famous kind of lok poetry. Loli is a very old and soul-relieving genre. The marching that accompanies the expression of the mother's emotions, but then continues to develop over the course of Loli's time. In which several other topics are covered. A melodious sound emanating from emotions and emotions, whereby the soul feels relief and contentment of the mind, is called loli. The word loli means "murad". This is an ordinary and ancient song of the Earth. Lola is called "Lori" in Hindi, then in Sanskrit he is called "Lola". Allah has conveyed this passion of love for the hearts of the mother. Who wants to see him happy in every situation. This sentiment is present not only in humans but also in animals, birds and winters. Mothers always want their children to see them healthy and successful.*





**اهڙو** ادب جيڪو انسان جي اندر جي پيڙاءُ، جذبن ۽ احساسن جي ترجماني ڪري، تنهن کي لوڪ ادب چئبو آهي. لوڪ سنسڪرت ٻوليءَ جو لفظ آهي ۽ جنهن جي معنيٰ آهي ’ماڻهو‘، پر هتي سندس وسيع معنيٰ عوام اٿس. هن ادب کي انگريزيءَ ۾ folk litreture ۽ جرمن زبان ۾ volk سڏبو آهي. هن ادب کي جوڙڻ لاءِ هر قوم جا عام ماڻهو پنهنجي پنهنجي عام ٻوليءَ جي لفظن کي موتين جي داڻن جيان پوئيندا آهن، جن جو تعلق ٻهراڙيءَ وارن علائقن سان هوندو آهي. سندن زندگيءَ گذارڻ جو طريقو سماج ۾ موجود طبقن مان انتهائي سادگيءَ وارو هوندو آهي. اهي ميرا گدلا ماڻهو سادو کائن ۽ سادو ڳالهائن، پر عقل جا ايترا ته اڪابر هوندا آهن، جو جڏهن پنهنجي خيالن جي اڏام ۽ ڏاهپ جون ڳالهيون پنهنجي ئي لفظن ۾ موهي سوهي بيتن جي صورت ۾ بيان ڪندا آهن ته لوڪ ادب جڙي پوندو آهي. سي ساجاهه وند ماڻهو لفظ چونڊي، تن کي پاڻ ۾ ڳنڍڻ جو اهڙو ته ڏانءُ رکندا آهن، جو ٻڌڻ وارا دنگ رهجي ويندا آهن.

اِهي ٻهراڙيءَ جا ماڻهو سڄو ڏينهن زمينن ۾ گُڏ ڪڍڻ، گاهه پٽو ڪرڻ ۽ مال چارڻ ۾ مصروف هوندا آهن، پر جڏهن شام يا رات جو پنهنجن اوطاقن ۾ ويهي ڪچهريون ڪندا آهن. تڏهن انهن روح رهاڻين دوران، پنهنجو پاڻ کي وندرائڻ خاطر يا وري آيل مهمانن کي خوش رکڻ لاءِ، سڄيون سڄيون راتيون اهڙا ته ٻول ٻوليندا آهن، جو اتان اٿڻ لاءِ دل ئي نه چوندي آهي. ڏک سک، ملڻ جي خوشي، وڇوڙي جي تڙپ ۽ جدائيءَ جو درد، هن لوڪ ادب جا نمايان عنوان آهن. هر ملڪ ۾ ان ادب جا جوڙيندڙ موجود آهن، پر جيڪو مواد اسان جي سنڌ ڌرتيءَ تي سنڌي ٻولي ٻوليندڙن چيو ۽ سهيڙيو آهي، سو تمام گهڻو لازوال آهي. سندن انداز بيان ۽ لفظن ۾ ايتري ته گهرائي آهي جو ڏکن ۾ ڏکيارو ڪن ته وري خوشيءَ ۾ بيساخته جهومائي ڇڏيندا آهن. لوڪ ادب جو انسان جي اندر جي ڪيفيتن سان نيهن جو ناتو آهي، اصل ۾ لوڪ ادب ئي قومن جي سڃاڻپ ۽ سرمايو آهي. هن ادب ۾ عقل جي ڊوڙ جا خزانا موجود آهن، جنهن مان سياڻپ جي سجاڻ ۽ وِندُرَ جا اهڃاڻ رات جي آسمان تي چمڪندڙ چنڊ جيان روشن نظر اچن ٿا. مختيار احمد ملاح لکي ٿو ته: ”لوڪ ادب هر ملڪ جي اصل ۽ نج شاعريءَ جو عام دفتر آهي. جنهن ۾ ريتن، رسمن، تاريخ، فلسفي، سمجهه ۽ عقل جو سرمايو محفوظ آهي.“(١) هي ادب قومن جي امنگن جو نچوڙ آهي ته وري انهن جي اندر جي

اڏمن جو آواز پڻ آهي. هن ڪي نج عوامي ادب چئي سگهجي ٿو، ڇاڪاڻ ته هن ڪي سٽيندڙ عام ماڻهو آهن، جيڪي پنهنجي پنهنجي سماج ۾ موجود تهذيب ۽ ثقافت جو ذڪر ڀرپور نموني سان ڪندا آهن. ان ادب ۾ قومن جو مزاج، ڏاهپ ۽ هر دؤر ۾ موجود ماڻهن جا رواج دفن ٿيل آهن. لوڪ ادب اهڙو ادب آهي، جنهن ۾اسان جي شروعاتي دؤر کان وٺي هلندڙ وقت تائين جي ڇٽي تصوير سمايل آهي. اُها صورت ڪڏهن نثر ۾ ته ڪڏهن وري نظم مان ملي ٿي. ڊاڪٽر الهداد ٻوهيو لکي ٿو ته: ”اسان جو فوڪ لور اسان جي ادب جي ابتدائي شڪل آهي ۽ ان ۾ دنيا جي پراڻي ادب واريون ڳالهيون يعني سريلا گيت، ناچ جا نمونا، ڪهاڻيون، جنگ ۽ مذهبي عقيدي وارا گيت ۽ ٻيون اهڙيون ادبي صنفون موجود آهن.“[٢] لوڪ ادب جي ابتدا انسان جي جنم سان گڏ ٿي آهي. هن ادب ۾ قومن جي ارتقا جا دفتر ڪليل آهن. جن مان ڪين ذهنن تي رسيل اذيتون يا وري مليل خوشين سببان جهومندڙ جذبا نمايان نظر اچن ٿا. هن ادب جو جيڪڏهن سراسري جائزو وٺجي ته انسان جي پوري تاريخ جي نمائندگي ڪندي نظر اچي ٿو. هن ادب مان قومن ۾ موجود شجاعت، همت ۽ همدرديءَ جا ڪيترائي اهڃاڻ، وک وک تي وکريا پيا آهن. هيءُ ادب هر قوم جو آئينو هوندو آهي، ڇاڪاڻ ته اسان جي سماج ۾ جيڪي به ريتون، رسمون، رواج موجود آهن، اهي سڀ سنڌي لوڪ ادب ۾ موجود آهن. الله بخش نظاماڻي لکي ٿو ته: ”ائين ڪٿي چئجي ته، لوڪ ادب عوام جي ڳڻ ڳوت جو آئينو آهي ته بلڪل ٺيڪ ٿيندو. هن ۾ ماحول جي سچي ۽ سچي تصوير چِٽيل رهي ٿي.“[٣] هن ادب ۾ جيڪو به مواد موجود آهي، تنهن ۾ قومن جو ماضي، حال ۽ مستقبل محفوظ آهي. جنهن جو جائزو وٺڻ ڪانپوءِ سنڌن موجود ذهني، فڪري لاڙا ۽ زندگيءَ جا مختلف پهلو جهڙوڪ: رهڻي ڪهڻي، سنوڻ ساٺ ۽ ريتون رسمون وغيره ۽ ٻيا ڪي طور طريقا ۽ ڪي انفرادي نشانيون رونما ٿين ٿيون. هي ادب وقت سان گڏ هلندو رهيو آهي. اسان جو سنڌي لوڪ ادب جو مواد تمام جامع ۽ بيشمار آهي، جنهن ۾ هر قسم جون ڪيفيتون ملن ٿيون. مختيار احمد ملاح لکي ٿو ته: ”سنڌي لوڪ ادب ڪيترو نه وسيع آهي. جو نه رڳو من موهيندڙ ۽ وڻندڙ آهي. پر سک، سوز ۽ درد، محبت ۽ قرب سان ڀرپور آهي. منجهس ايترا ته عوامي عنوان آهن. جي دنيا جي ٻئي ڪنهن به لوڪ ادب ۾ نه ٿا ملن.“[٤] جيئن هي ادب جوڙي ئي عوام ٿو، تنهنڪري ان ۾ موجود موضوع به نج عوامي هوندا آهن. ٻين قومن جي شاعرن جي ڀيٽ ۾ سنڌي قوم جا





نمائندا شاعر، هن ادب جي ميدان ۾ ڪنهن ڪمان مان نڪتل تير جيان تيز نظر اچن ٿا. لوڪ ادب جي شاعريءَ جي صنف لولي هڪ تمام پراڻي ۽ روح کي راحت ڏيندڙ صنف آهي. جيڪا ڦهريائين ته ماءُ جي جذبن جي اظهار ڪرڻ سان جُڙي، پر پوءِ لوليءَ جي وقت سان گڏوگڏ ترقي به ٿيندي رهي آهي. جنهن ۾ ڪافي ٻيا به موضوع آندا ويا آهن. جذبن ۽ احساسن مان ڀاڻمرادو نڪرندڙ اهڙو سريلو ساز، جنهن جي سُرن جو آواز ٻڌڻ سان روحاني راحت ۽ ذهني سڪون محسوس ٿئي، تنهن کي لولي چئبو آهي. لولي لفظ جي لُغوي معنيٰ آهي: ’منوراڳ‘. هي سنڌ ڌرتيءَ جو عام ۽ قديم گيت آهي. لوليءَ کي هنديءَ ۽ اردو ۾ ’لوري‘ چوندا آهن ته وري سنسڪرت ۾ ڪيس’لولا‘ چون. الله سائين امڙ جي دل ۾ ٻچي لاءِ، محبت جو اهڙو جذبو سمايو آهي. جو ڪيس هر حال ۾ خوش ڏسڻ چاهيندي آهي. اهو جذبو فقط انسانن ۾ نه پر جانورن، پکين ۽ جيت جڻن ۾ به موجود آهي. ماءُ هميشه اولاد کي صحتمند ۽ ڪامياب سان ڪين هم ڪنار ڏسڻ چاهيندي آهي. اهڙي قسم جي سمورن ارمانن ۽ اميدن جهڙا موضوع لوليءَ ۾ سمائي امڙ پنهنجي دلي خواهشن جو اظهار ازل کان ڪندي رهي آهي. هي گيت سنڌي توڙي سرائيڪيءَ ٻولين ۾ چيو ويندو آهي. تنهن مان ثابت ٿئي ٿو ته سرائيڪي زبان به سنڌ ۾ پراڻي دؤر کان وٺي رائج آهي. ڊاڪٽر ڪمال ڄامڙو لکي ٿو ته: ”دنيا جي قديم لوڪ ادب ۾ جيڪا لکت ۾ لولي ملي آهي. سا سمير مان ملي آهي. اها چار هزار سال اڳاڻي آهي. اها لولي ’سميري اُريم‘ جي ٽئين سميري شاهي خاندان جي نالي واري ۽ ڇاڻو حاڪم شولگي ٢٩٤٧-٢٠٩٤ ق.م جي راڻي ابي سمتي پنهنجي هڪ بيمار پٽ لاءِ ڳائي هئي. هوءَ اها لولي پنهنجي منهن به جهونگاريندي هئي. هن جي آس آهي ته سندس ٻچڙو وڏو ٿي جُڳ جُڳ جيئي ۽ خوشيون ماڻي، شال هو ترت ئي چڱو ڀلو ٿئي. پاڻ لوليءَ ۾ پنهنجي پٽ لاءِ ڪيترائي خواب ڏسي ٿي ۽ خيالن ۾ گم ٿي وڃي ٿي.“(٥) اصل ۾ لولي ديهاتي آرزوئن جو شعر آهي. جنهن جا دعا، آس، اميد، پيار ۽ محبت خاص موضوع رهيا آهن. جنهن جي شروعات ڪنهن ماءُ جي من مان جاڳندڙ پنهنجي ٻار لاءِ دل ۾ موجود اميدن ۽ تمنائن سان ٿي آهي، جيڪي ڪيس جبلتي خاصيتن سان تعلق رکن ٿيون. اهڙو اظهار جهوليءَ ۾، ڀينگهي ۾ يا وري لوڏ ۾ سمهاري سريلي آواز سان ڪيو ويندو آهي. هي منو راڳ امڙ جي جذبن جي عڪاسي ڪري ٿو، ڀلي ڪٽي ماءُ اڻ پڙهيل هجي، پر پنهنجي ٻچي لاءِ گهڻيون حسرتون دل ۾ سانڍي رکندي آهي، پوءِ

اهي ڪڏهن ڪڏهن ٽٽل ڦٽل لفظن جي صورت ۾ سريلي آواز سان، اهڙو ته آلاپيندي آهي، جو ٻار به فرحت محسوس ڪندو آهي. هن ڪائنات ۾ پيڻ ۽ پياءَ جو به عجيب رشتو آهي، پيٽن ڪي پاٿرن مان هڪ ته ڪيس پيءُ جي خوشبو ايندي آهي ته وري ڪين انهن مٿان وڏو ماڻ هوندو اٿن. اهي به هي اندر جو منٺو ساز پيار پري انداز ۾ وڄائي ننڍن پاٿرن لاءِ دعاگو ٿينديون آهن. لولي عام طور ٻار ڪي ننڊ ڪرائڻ واسطي، اهڙو ته من موهيندڙ گيت آهي، جنهن ڪي ردم ۾ لئي سان جڏهن جهونگاريو ويندو آهي، ته ٻار جلديءَ سمهي پوندو آهي. الله بخش نظاماڻي لکي ٿو ته: ”لولي هڪ خاص قسم جو دهقاني دعائيہ شعر، گويا دعائيہ لفظن جو مجموعو آهي، جا اڪثر ڪري ماءُ پنهنجي ٻار ڪي پينگهي ۾ لوڏي، يا گوڏي تي سمهاري، ننڊ ڪرائڻ لاءِ، منٺي زبان ۾، ميٺاج سان آلاپيندي آهي، يا پيڻ ننڍڙي پاءُ ڪي، انهيءَ نموني سان لوڏيندي ۽ لولي ڏيندي آهي.“(٦) لوليءَ ۾ موجود لفظ عام ٻوليءَ وارا هوندا آهن. جنهن جو سٽاءُ شاعريءَ جي پابندين کان آزاد ٿئي ٿو. ڪيس روزمره زندگيءَ ۾ ڳالهائيندڙ لفظن سان جوڙي تيار ڪئي ويندي آهي. پر اُهي ماءُ جي آسن ۽ اميدن سان پرپور، ايترا ته اثرائتا هوندا آهن. جن ڪي ٻڌڻ سان انسان جو اندر، باغ و بهار ٿي پوندو آهي. انڪري لولي جو آواز هر دل کي وڻندڙ ۽ لڀائيندڙ ٿئي ٿو. ڊاڪٽر عبدالڪريم سنديلو لکي ٿو ته:”لولين مان ظاهر آهي ته لوليءَ جا ٻول سادا، پر ٻهڪندڙ آهن، عام رواجي لفظ، دل سان ٺهندڙ آهن. اهو ئي سبب آهي جو لولي جلد دل ۾ پهچي وڃي ٿي.“(٧) هن دعا جي جوڙجڪ فطرتي طور اپرندڙ، پيار پرين جذبن سان ٿيندي آهي، تنهنڪري لفظ توڙي جو سادا هوندا اٿس، مگر اثر ايترو ته گهرو هوندو آهي، جو ٻڌندڙ کي موهي ڇڏين ٿا. هن گيت جا موضوع ئي انسان جي اندر جي ڪيفيتن جي عڪاسي ڪندڙ آهن ۽ وري جنهن سُر ۽ تَار سان ڪين ڳايو ويندو آهي، تنهن ۾ ايترو ته سرور سمايل ٿئي ٿو، جو ڪيس ٻڌڻ سان اندر ۾ نيون نيون اميدون جنم وٺڻ شروع ڪنديون آهن.

تنهن کانسواءِ هن منٺي صنف ۾ ٻيا موضوع شامل ڪري، ڪيس وسيع بڻايو ويو آهي. پراڻي دؤر ۾، جڏهن جت واپار سانگي اٺن تي چڙهي راتين جو سفر ڪندا هئا ته هڪ ٻئي ڪي جاڳائڻ واسطي، سفر ڪي آسان ۽ وڻندڙ بڻائڻ واسطي لولي ڳائيندا هئا. اهو گيت اهڙي ته منٺي ۽ درد پري آواز سان ڳائيندا هيا، جو ڪين ذهن ڪي ته سڪون ملندو هو، مگر ان گيت جي لئي ۽ مناڻ سبب اُٺن جي رفتار به تيز ٿي ويندي هئي. ان





کانپوءِ سهاڳڙيون پنهنجي ورن جي ڪمائڻ خاطر پاڻ کان پري ٿيڻ سبب، پنهنجي من ڪي تسلي ڏيڻ لاءِ به ورلاپ ڪنديون رهيون آهن. هي سريلو راڳ سنڌواسين جي دلين تي ايڏو ته قابض ٿي ويو، جو پوءِ اهي ٻنين ٻارن ۾ ڪم ڪرڻ دوران به دل وندرائڻ خاطر ٻوليندا رهيا آهن. ڊاڪٽر نبي بخش بلوچ لکي ٿو ته: ”اڳئين وقت ۾ آمد رفت جا وسيلا محدود هئا. مسافري اڪثرڪري اٺن ذريعي ٿيندي هئي. رستا اڙانگا ۽ پر خطره هجڻ سبب جان ۽ مال جي سلامتي جو هر وقت انديشو رهندو هو. گمان غالب آهي ته هن گيت جي ابتدا اٺن ۽ اوٺين سان ٿيل ڪن حادثن سان ٿي.“(٨) هي سريلو راڳ اڳتي هلي دل وندرائڻ لاءِ به ڳايو ويو، جنهن ۾ ماءُ جي دل جي اُڪير کان سواءِ ٻيا عنوان به شامل ڪيا ويا. جڏهن سنڌ ڌرتيءَ تي پڪا روڊ ۽ رستا ڪونہ هئا. هڪ هنڌ کان ٻئي هنڌ وڃڻ ڏاڍو ڏکيو هوندو هو، اڪثر سنڌ جا مارواڙا اُٺن ذريعي وڻج واپار سانگي، ڪوهين ميل پنڌ راتين جو ڪندا هئا ۽ وري واپاري سامان به پاڻ سان ساڻ کڻندا هئا. ٿي سگهي ٿو ته ڪين ڪنهن ڏڱ يا واٽ تي رات جي اونداهيءَ ۾ ڌاڙيلن يا وري ڦورن جي ور چڙهي ويا هجن، ان کانپوءِ پنهنجو پاڻ کي سجاڳ رکڻ لاءِ، ته جيئن سامان جو خيال ڪري سگهن يا وري ڪنهن اڻوڻندڙ واقعي کي منهن ڏئي سگهن. لولي ذهن کي سڪون ڏيڻ سان گڏ وندر لاءِ به انتهائي اهم ڪردار ادا ڪيو آهي. هن منٺي راڳ جي اؤسر وقت سان گڏ ٿيندي رهي آهي. تنهنڪري لولي جي صنف کي هيٺين چئن قسمن ۾ ورهايو ويو آهي:

١.جيجل لولي ٢. روايتي يا مجازي لولي ٣. شاعراڻي لولي ۴. واقعاتي لولي.

**١. جيجل لولي:**

ماءُ جو سندس ٻار سان پيار فطري عمل آهي. جڏهن عورت ماءُ بنجي ٿي ته پوءِ عورت جو حقيقي پيار، پنهنجي اولاد سان ٿئي ٿو. جنهن لاءِ هوءَ پاڻ پتوڙيندي رهندي آهي ته ڪيس خوش رکي. اونهاري جا گرم ڏکها ڏينهن هجن يا وري سياري جون ٿڌيون ڏکيون راتيون هجن، ٻار کي آرام ڪرائڻ خاطر، منٺي ۽ سريلي آواز ۾ جيڪو راڳ آلاپيندي آهي، تنهن کي جيجل لولي چئجي ٿو. جنهن ۾ ٻار لاءِ نيڪ تمنائن جهڙا عنوان هوندا آهن، جهڙوڪ:- زندگيءَ ۾ ڪاميابي، عقل سمجهه ۽ ڏاهپ لاءِ مالڪ درآزيون ۽ ٻيون اهڙيون کوڙ ساريون دعائون پئي گهرندي رهندي آهي. جيجل لوليءَ

جو نمونو هيٺ ڏجي ٿو.

بسم الله ست، تو ۾ الله جي برڪت
بسم الله جي رتي، توکي واءُ نہ لڳي تتي
توکي ڪوسا نہ لڳن جهولا
رب ڏيکاري نہ ڏينهن اولا

سرائيڪي ٻولي ۾ڏنل لوليءَ جو نمونو هيٺ ڏجي ٿو.

الله ڏتا ٻچڙا، جهولي تي ٻهڻ والا
پينگهي دي لڏڻ والا
سڪندر دي بختان دا، ثاني ٻيي تونهئين
سچا ٻانها رب دا، جاني ٻيي تونهئين
تون قرآن پڙهڻ والا
جهولي تي ٻهڻ والا
پينگهي دي لڏڻ والا (٩)

جيجل لولي ماءُ جي اندر جو آواز آهي. هر قوم جون مائرون پنهنجي پنهنجي انداز سان ٻچڙن لاءِ دعاگو رهنديون آهن. ڪڏهن انهن کي ننڊ ڪرائڻ وقت تہ ڪڏهن وري ڪيس جهولي ۾ ڪيڏائيندي ڪڏائيندي پنهنجي من مان نڪتل سڪ، آس ۽ اميد منڙي آواز سان جهونگاريندي رهنديون آهن. عورت ڪيڏي بہ حيا ۽ شرم واري هجي، پر جڏهن ٻار ان جي آڏو ايندو آهي تہ اوچتو پنهنجي اندر جا اڌما اوريندي آهي. هتي سنڌي ۽ سرائيڪي ٻولي ۾ ڏنل لولين منجهان ماءُ جون دعائون ٻار لاءِ نيڪ انسان ٿيڻ جي تمنا سان گڏوگڏ خوشحال زندگيءَ گذارڻ جا سندس دل ۾ موجود ارمان ظاهر ڪن ٿيون. لفظ ٽٽل ڀڳل آهن، مگر ماءُ جو ٻار لاءِ اندر ۾ موجود سچو پيار، انهن سادن لفظن منجهان چنڊ جي چانڊوڪيءَ جيان نظر اچي رهيو آهي.

## ٢. روايتي يا مجازي لولي:

جڏهن عشق جوين ۾ آيو، وڇوڙي جون تن کي ساڙيندڙ گرم هوائون لڳيون. تڏهن پيار وارن پنهنجي جيءَ جون ڪيفيتون لولي ۾ دانهن جي صورت ۾ ڪيون آهن. جڏهن سهاڳڻين پنهنجا سُهاڳ روزگار سانگي اکين کان اوجهل ٿيندي ڏٺا، تڏهن بيوس





بڻجي ڪِيهون ۽ رِيهون ڪيون تہ لوليءَ جي صنف ۾ ٻيا موضوع بہ شامل ٿي ويا. اڪثر ڪري قديم دؤر ۾ جڏهن جت واپار سانگي اٺن تي سوار ٿي، راتين جو سفر ڪندا هئا تہ ان سفر دوران سندن سات ۽ سڄڻن جي وڇڙڻ جا ارمان وڏي واڪين هانءُ ڏاريندڙ ورلاپن ۾ ڪندا هئا، يا وري واپاري غوراب پرائي واپار سانگي سمنڊ جو سفر ڪندا هئا. انهن جي ٻيڙن جي چوڙڻ جو دارومدار هوا جي رخ تي هوندو هو، پوءِ جڏهن هوا سَٽائي يا رُخَ مطابق نہ لڳندي هئي تہ مهينن جا مهينا بيهجي ويندا هئا. انهن هوائن کي 'تجارتي هوائون' پڻ ڪوٺيو ويندو هو. تنهنڪري انهن سوداگرن کي سفر تان موٽڻ ۾ ڪافي دير لڳندي هئي. جن جي خيريت سان موٽي اچڻ لاءِ، سندن سهاڳڻيون باسون باسينديون هيون تہ شل خير سان واپس اچن. جدائيءَ ۾ سندن اَندر جُهريل هوندو هو، اُن من جي ٻَارَ کي هلڪو ڪرڻ لاءِ، پنهنجي منهن لوليون ڏينديون هيون. هن قسم جي لولي ۾ زال جي مڙس سان محبت جو اظهار، سڪ جو سَنيهو، خيريت سان موٽي اچڻ جي دعا موجود آهي. اهڙي قسم جي لولي جو مثال هيٺ ڏجي ٿو.

لولي ڙي، الله، جانب لولي ڙي،
ويندا جو پيا هين، ويندئين ٻانهان مريندا
ويندا جو پيا هين، ٽڪو رات اٿاهين
سج لٿا جو ويندو، وچ ٽڪسو ڪٿاهين
سائين لولي ڙي.
ويندا جو پيا هين، تي ڏي هٽ وچ ڪهاڙي
قسم هيئي خدا دا، ول آوين پوڇاڙي
ڍولڻ لولي ڙي...
ويندا جو پئين، ڏني ويندا ئين لڙائي
مين جو ڪستي جان، تيکون خبر نہ ڪائي
بگا لولي ڙي .. (١٠)

متي ڏنل لوليءَ منجهان سهاڳڻ جي من ۾ موجود جدائيءَ جي جُهوري نُمايان نظر اچي ٿي. سندس اندر جون ڪيفيتون وَرَ جي وڇوڙي ۾ لُڇَندي ۽ چاڪ ٿيندي لفظن ۾سمايل آهن. پنهنجو پاڙڪان پري نہ ٿيڻ جا ڪيترائي هَربا هلائيندي رهي ٿي تہ جئين منهنجو جاني ڪنهن طرح مونکان پري نہ ٿئي، ڪي گهڙيون اچان مونسان گڏ هجي.

جلدي وَرَڻ لاءِ آزيون نيزاريون كندي دل مان نكتل آهون تيز برسات جيان وَسندي، اندر جي خشك ٿر جهڙي ڌرتيءَ كي سيلاب كندي نروار آهن ته وري وڇوڙي سبب دل ڏاڍي ڏكياري به اٿس. جدائيءَ جو ايترو ته احساس هن لوليءَ ۾ موجود آهي، جو سندس وني جانب جي دور ٿيڻ سبب، پنهنجو پاڻ كي اٽپورو كري ٿي.

**٣. شاعراڻي لولي:**

هن لولي جي قسم ۾ مختلف موضوعن تي شاعر لكندا رهيا آهن. الله پاك ۽ حضرت محمد مصطفيٰ ﷺ جن جي محبت ۽ سك ۾ لكيو ويجي ته ان كي 'اسلامي لولي' چئبو آهي. ۽ محبوب جي وَصفُن تي جيكڏهن لكيو ويجي ته ان كي 'سينگار لولي' سڏجي ٿو. سنڌ جي رومانوي داستانن جهڙوك: سسئي پنهون، مومل راڻو وغيره كي مركز بڻائي لكيو ويجي ته اهڙين لولين كي 'سرائتي لولي' كوٺيو ويجي ٿو. هن قسم جي لولين جا نمونا سك وارن جي ورونهن جو نتيجو آهن. جيكي محفلن ۽ مجلسن ۾ نهايت شوق سان چوندا رهيا آهن. اسلامي لوليءَ جو نمونو هيٺ ڏجي ٿو.

تون آءُ سگهو، شل راضي رب ٿيندو.
سيد آءُ سگهو، چڏ ماٺو مسكين سان
مرسل مل سگهو . ........
اول نام الله جو، آ هيكل كئون كرارو
خاصو دوست خدا جو، آهي مرسل موچارو
چئن يارن جو چت ۾، مونكي لنئو لنئو ۾ لارو
حسن مير حسين تان، مان سر گهوريان سارو
لهي مونجهارو، دان ڏئين دستگير تون
تون آءُ سگهو، شل راضي رب ٿيندو
پيش لڳي هان پرجي، سينونه تي ساهيان،
'قالوبليٰ' جي قول جو، ڳڻ ويني ڳايان.
اصل كان آهيان، ٻڌل ٻاروچل سان
تون آءُ سگهو، شل راضي رب ٿيندو
جادو هنيون جان ۾، جانب تون جوڙي





ورتو آهي واسينگ جان، تنهنجو وهه وكوڙي
نينهن ٿو نهوڙي، محبت ماري آهيان
تون آءُ سگهو، شل راضي رب ٿيندو (١١)

لوليءَ جو موضوع اكثر كري محبت ۽ مجاز رهيو آهي. پر هن قسم جي لولي ۾ الله پاك ۽ رسول كريم صلي الله عليہ وآلہ وسلم جن جو شان ٻڌائيندي، پنهنجي دل جي كيفيت بيان كئي ويندي آهي. مٿي ڏنل لولي ۾ خالق عظيم جو پنهنجي ٻانهي كان ورتل وچن جو ذكر، دل ۾ ان جي ياد جو اُلكو، جنهن كيس ستايو آهي. چاكاڻ ته ان سان جو وجود ۾ اچڻ وري موت كانپوءِ پنهنجي مالك حقيقي سان ملڻ هك اٽل فيصلو آهي. زندگيءَ وارو وقت جنهن ۾ ٻانهو دنيا جي لوڀ لالچ ۽ رنگينن ۾ ڦاسڻ كري مالك كان دور ٿي ويجي ٿو. اهڙي وڇوڙي جي كيفيت ۾ مالك ۽ سندس محبوب كي ٻاڏائي رهيو آهي، جئين كنهن ذريعي مالك سان ويجهڙائي نصيب ٿي.

**٤. واقعاتي لولي:**

هن قسم جي لوليءَ ۾ پيش ايندڙ كنهن واقعي يا حادثي كي سهيڙيو ويندو آهي. ستاءُ جي لحاظ كان ساڳئي ترتيب هوندي اٿس. هيٺ ڏنل لولي سان هك قديم واقعو منسوب آهي ته عارب ماڇي نالي كو شخص گهوٽكيءَ جو رهاكو هو، ڏاڍو بهادر جوان هو، سندس زال جو نالو 'نوران' هو. هنن جي هك ٻئي سان ڏاڍي محبت هئي. كنهن جهيڙي ۾ عارب مارجي ويو. ان غم ۾ 'نوران' سدائين روئندي رهندي هئي. ان حادثي كان متاثر ٿي ان عورت هيءَ واقعاتي لولي چئي.

عارب جي هوندي نوران پٽڙو هنڊايو
عارب مري ويو، نوران ويس مٽايو
جانب لولي ڙي....
انڙ جي كڙ تي نوران لٽا ٿي ڌوئي
اهي جايون ڏسي، نوران رت پئي روئي
سهڻا لولي ڙي.....
واهه انڙ ڏاڍو وهي ٿو پورن ۾

عارب مري ويو، نوران پئي سورن ۾

سانول لولي ڙي..

ميرن پيرن جو لڳو پاڻ ۾ تنازعو

جنهن عارب ماريو، تنهنجو نہ هوندو ڪفن، نہ پڙهبو جنازو،

دلبر لولي ڙي.......... (١٢)

زندگيءَ گذارڻ دوران ڪنهن ڪنهن سان ڪي اهڙا واقعا پيش پوندا آهن. جيڪي ڪيس اهڙا نشان ڇڏي وڃن ٿا، جو مرڻ ڪنديءَ تائين ميٽجي نہ سگهندا آهن. انهن کي ياد ڪندي، جڏهن ورلاپ ڪيا وڃن ٿا تہ اهي لفظن جو روپ ڌاري، اهڙي انداز سان بيان ٿي ويندا آهن، جو پوءِ اهو واقعو، تاريخ جو اهم يادگار ٿي پوندو آهي ۽ ان ۾ موجود ڪردار هميشہ لاءِ امر ٿي ويندا آهن. مطلب تہ لوڪ گيت جي صنف لوليءَ کي جوڙيندڙ سان، حقيقي زندگيءَ ۾ ٿيندڙ ويڌن جو ذڪر بہ ملي ٿو. جنهن کي لفظن ۾ سمائي پنهنجي جذبن ۽ احساسن جو کلي دل سان اظهار ڪيو ويندو آهي. اهڙو ئي جيءَ کي جهوريندڙ منظر مٿي ڏنل لوليءَ ۾ موجود آهي. عام طور تي سنڌ ۾ ڪنهن عورت جو پاند، جڏهن ڪنهن مرد سان، تقدير الاهي جي لکئي مطابق اڙبو آهي، تہ پوءِ سندس جيئڻ جو مقصد وَرَ جو ساٿ هوندو آهي. زندگيءَ جي سفر دوران اگر اهو ساٿ ٽٽي پوي تہ پوءِ اها سهاڳڻ جڻ تہ جيئري ئي مري ويندي آهي.

هن راڳ جي شروعات تڏهن کان ٿي، جڏهن ڪا عورت ماءُ بڻي. پوءِ ان پنهنجي جگر جي ٽڪڙي کي وندرائڻ ۽ آرام ڪرائڻ واسطي محبت سان پرپور، اڌوراڙن فطرتي خيالن تي مشتمل جذبن کي لفظن جي لباس ۾ ڍڪي، سندس ئي دل مان نڪتل آسن ۽ اميدن جا پريل درياءَ وهايا، جن جي گجگوڙ جو آواز ٻڌڻ سان نئين جيون ۾ جيئڻ جو اتساهہ پيدا ٿي پيو. امڙ جي منڙي ۽ مَڌُر آواز ۾ ايترو تہ اثر هيو، جو آلاپڻ ڪانپوءِ، قومن جي معمارن جي اهڙي تہ ذهني نشو نما ٿي، جو اهي ننڍا ٻوٽا جڏهن وڏي وڻ ٿيا تہ پنهنجي ڌرتيءَ ۽ موجود ماحول لاءِ ڇَپر ۽ ڇانوَ بڻجي ويا. سندن ڏنل لولين ۾ دعا سان گڏ ڌرتيءَ تان قربان ٿيڻ جا درس، خاندان جو نالو روشن ڪرڻ جا سبق، سٺو انسان بڻجڻ جا ڏس ۽ زندگيءَ جا سچا واقعا عنوان رهيا آهن. جڏهن ٻار مائيءَ يا ماتا جي موذي مرض ۾ مبتلا ٿيندو آهي، تڏهن سندس امڙ، ماتا جي تڪليف ۾ ٻار کي آرام پهچائڻ لاءِ مٺي آواز ۾ لولي ڳائي ٻڌائيندي آهي، جيڪا ڪيس ذهن کي اهڙو تہ





سرور بخشيندي آهي، جو ٻار ۾ موجود تڪليفن جو احساس ئي ختم ٿي وڃي ٿو. تنهن کي بہ عام طرح سان 'لولي' سڏيو وڃي ٿو. حقيقت ۾ ان لاءِ مناسب ۽ موزون لفظ 'اُوراڻو' آهي. لوڪ ادب جي هن منڙي راڳ، هر دل کي موهيو آهي. ڪڏهن ورن کان دور ونيون پنهنجي منهن جدائيءَ جا درد، اکين مان وهندڙ ڳوڙهن جي صورت ۾ وهايا تہ ڪڏهن وري رات جي مسافرن سفر جي بوريت ختم ڪرڻ واسطي سريلي آواز ۾، هن من موهيندڙ مٺي راڳ کي آلاپيو. انهن موضوعن جي هن صنف ۾ سمائجڻ ڪري، هي اندر جو ساز وڏيڪ درديلو ۽ شانائتو بڻجي پيو. لوڪ گيت جي قسمن منجهان لوليءَ جي نرالي ۽ منفرد اهميت آهي .

## حوالا


١. ملاح، مختيار احمد، 'سنڌي ادب جي تاريخ جو جديد مطالعو'، ڪاٺياواڙ اسٽورس، اردوبازار، ڪراچي، ٢٠١٤ع، ص: ٦٦٩.

٢. ٻوهيو، الهداد ڊاڪٽر، 'سنڌي ٻوليءَ جو سماجي ڪارج'، انسٽيٽيوٽ آف سنڌالاجي، ڄامشورو، ٢٠١١ع، ص: ١٤.

٣. نظاماڻي، الله بخش، 'سنڌي لوڪ ادب جي ارتقائي تاريخ'، سنڌ يونيورسٽي، ڄامشورو، ١٩٧١ع، ص: ٥ .

٤. ملاح، مختيار احمد، 'سنڌي ادب جي تاريخ جو جديد مطالعو'، ڪاٺياواڙ اسٽورس، اردوبازار، ڪراچي، ٢٠١٤ع ص: ٦٧٠.

٥. ڄامڙو، ڪمال، ڊاڪٽر، 'سنڌوءَ جا گيت'، ثقافت ۽ سياحت کاتو، ڪراچي، ٢٠٠٨ع، ص: ٨٧ ۽ ٨٨.

٦. نظاماڻي، الله بخش، 'سنڌي لوڪ ادب جي ارتقائي تاريخ'، سنڌ يونيورسٽي، ڄامشورو، ١٩٧١ع، ص: ٥٨.

٧. سنڌيلو، عبدالڪريم، ڊاڪٽر، 'لوڪ ادب جو تحقيقي جائزو'، انسٽيٽيوٽ آف سنڌالاجي، سنڌ يونيورسٽي، ڄامشورو، ١٩٨٢ع، ص: ٣٤.

٨. بلوچ، نبي بخش، ڊاڪٽر، 'لوڪ گيت'، سنڌ، سنڌي ادبي بورڊ، ڄامشورو، ٢٠٠٦ع، ص: ١٢٦.

٩. سنڌيلو،عبدالڪريم، ڊاڪٽر، 'لوڪ ادب جو تحقيقي جائزو'، انسٽيٽيوٽ آف سنڌالاجي، سنڌ يونيورسٽي، ڄامشورو، ١٩٨٢ع، ص: ٣٢.

١٠. بلوچ، نبي بخش، ڊاڪٽر، 'لوڪ گيت' سنڌي ادبي بورڊ، ڄامشورو، ٢٠٠٦ع، ص: ١٢٩.

١١. حوالو ساڳيو، ص: ١٧٧ ۽ ١٧٨.

١٢. حوالو ساڳيو، ص: ١٥٧.